(۳)

# لڪيو ڪيئن ڪليو !

سنجها جي مهل هئي. هڪ پيرسن چيلهہ کي هٿ ڏيو وشنوُ ولا جي وڏن سنسان ڪمرن ۾ چڪر لڳائي رهيو هو. ڪمرن جا چيرون ڦاڪون ٿيل فرش پيرسن جي گهنجيل ڇهري سان ڄڻ همدردي جتائي رهيا هئا. اولهہ ۾ لهندڙ سورج جي ڪرڻن درين مان اچي ڪمرن کي روشن رکڻ جي ناڪام ڪوشش پئي ڪئي. اوچتو هڪ وچولي عمر جو ماڻهو اندر لنگهي آيو. پيرسن پڇيو، ”سک تہ آهي سڪرامداس. سهڪين ڇو ٿو ؟“

”ڪاڪا مونکي هاڻي پنهنجي محل ۾ اجهو ڏي. تنهنجو لوڪ پرلوڪ سکي ٿيندو.“ سڪرامداس ڌوتيءَ جي پلؤ سان اکيون اگهڻ لڳو. پيرسن سڪرامداس کي پراڻي ڪوچ تي وهاري، پاڻ بہ پاسي کان ويهي رهيو. سندس پٺيءَ تي هٿ ڦيري چيائين، ”بابا تنهنجو ئي تہ گهر آهي، ڀلي اچي رهہ. پر ڇئہ آهي تہ سک ؟“

”ڪاڪا توهان کان ڇا لڪايان. پاڙم جي نياڻي پاڙي جي هڪ لوفر جي ڦندي ۾ ڦاسجي ويئي آهي. ڪٿي هو

ڀراڙيءَ جي وچائت، ڪٿي اسين شهري ! ڇوري ڏمڪي ڏني آهي تہ ڇوڪريءَ کي ڪنهن کڻي ويندس. ڪاڪا اسين پڻ شرم وارا ماڻهو، ڪٿي سر لڪايون ؟ جڏهن پاڙو ئي ڇڏي ايندا سين تڏهن وڃي پت رهجي ايندي.''

''پت گهر تنهنجو آهي، پر شهر جي بستيءَ کان پري، سو بہ هھڙي پراڻي جڳهہ ۾ توهين ٻچڙوال ماڻهو ڪيئن رهي سگهندا ؟''

''ڪاڪا گهر ۾ رڳو منهنجي نياڻي تہ ڪانهي؛ ٻن سرڳي ڀائرن جون بہ تہ ڇوڪريون آهن. ڪل پنج نياڻيون آهن. مان تہ چوان تو ڪٿي ڪوئي جي ٻر ۾ وڃي گهر ڪريان، جتي ڇوڪرين کي هن پرشٽ دنيا جي هوا بہ نہ لڳي. ڪاڪا، هيءُ ڪو اڳيون زمانو ٿورو ئي آهي. دنيا ڏاڍي بري ٿي پيئي آهي. ڪاڪا هيءَ منهنجي ٽوپي اٿو توهانجي پيرن تي. منهنجي وينتي نہ موٽائجو.''

ڪاڪي کي پڳہ جو خيال رکڻو ئي پيو، جو تہ ان سان گڏ هن پنهنجي پاڻ ۾ رهڻ لاءِ سکرامداس پنجاه رپيا مسواڙ ڏيڻ بہ قبول ڪيا. ديوالي‌ءَ جھڙي ٿوري بستيءَ واري شهر ۾، سو بہ وشنو ولا جھڙي جهوني پراڻي جڳهہ لاءِ پنجاه رپيا مسواڙ، ڳرو عيوضو هو؛ مگر خاندان جي پت پڪڻ لاءِ سکرامداس کي ڪي تہ ڪرڻو هو.

پر ايتري ڪندي بہ پت ڪين پڪجي ڪين پڪي. سکرامداس تڙتڪڙ ۾ جنئن سامان کڻائي رهيو هو، تئن ڇوڪري گهر مان گم ٿي ويئي. سکرامداس وهڻ ولوڙي بينو، ليڪن ڇوڪريءَ جو سراغ نہ مليو. هينئر تہ هيڏي پاڙي ۾

کي اگهہ ٽڪرايو ويو هو، سي هاڻي چوندا هئا، ”چڱو ٿيو جو پوتن جي چاپا واري چوڪري نہ ورتيسين.“

سشيلا کان نڻديون سؤٽيون کنهن قصي کهاڻيءَ ۾ ڪڏهن پيار جو وسنار پڙهي وهنديون هيون تہ وڏيءَ سوت ڏي نهاري ٿڌو ساهہ کڻي، پنهنجي پيار جي جذبن کي دل اندر ئي سمائي ڇڏينديون هيون. پر پهاڙن تان لهندڙ سيلاب اگر ندي نہ بڻيو هو تہ ڇوٽن ڇوٽن نالن ۾ تہ ضرور وهڻو هو. سو ڇوڪريون لڪي ڇپي گراڙا ڪرتا پائي سنگساري نديءَ تان ٿي ايند يون هيون ڪڏهن نندي چاچيءَ سان گڏجي سئنيما ڏسي ايند يون هيون. جنهنجي ڪڙڪ سڪرامداس کي پئجي ويئي. بس نِنديءَ وڏوا چاچيءَ جي شامت اچي ويئي. سڪرامداس کيس گهر کان ونڻ سان حد ڪري ڇڏي. چي، ”پنهنجي ڇوري لوفر سان ڀڄائي، هاڻي ٻين جون ڏيئر ڦلائڻ هلي آهين ؟“

ڪميا پهرين تہ رڪ رڪاڻ ڪئي. اکيون اگهي چيائين، ”ڏيرم ڪنهنجي آندن ۾ هٿ نہ وجهو. مان چوندي آهيان ڇوڪريون ڪوئي جي ٻر ۾ پيئون آهن، ڪڏهن تہ ڪا وندر ورونهن بہ ڪپندن.“

”وندر ورونهن ڏوڙ جي ڪپين. ستسنگ ۾ نتي وٺي وڃين.“

”اتي بہ ساڳيا شوَ پارپتي، ڪرشن راڌا، نل دمينتيءَ جا قصا لڳا پيا آهن. کهڙي بہ وندر تہ ضروري آهي.“ ڪميا سهج ڀاوَ ۾ چيو.

سڪرامداس سڙيو وينو هو، سو چيائين، ”پنهنجي

”اڙي بدمعاش ويني چو آهين، وڃ نہ ڏيٺين وٽ ؟“
سکرامداس آپي کان نڪري رهيو هو.

ڪميا جي بہ خودي ٽٽي چڪي هئي. اوچنگار ڏيئي چيائين، ”مان بدمعاش آهيان ؟ پلي سرڳي مونکي توهان پائرن کي ديوتائون سمجهي توهانجي هار چڙهي ويو. اڄ منهنجي ڏيءُ رگو گهٽ آکيي گهر ۾ پٽي آهي تہ توهين مونکي هيءُ سخن ٿا پليو. منهنجو ڪنڌ بہ توهان ئي نہ هيٺ ڪيو. ڪيڏا ڳچيءَ ۾ پلوَ پاتا مانوَ تہ ڳوري ڳيهي وڃو. ڇوڪريءَ کي انهيءَ ڇوڪري سان ئي پرڻائي منهنجو منهن مٽي ڪريو. پر توهين اِٽ تي، تہ ٻيون نياڻيون ڪڙبيون... وري ٻين نياڻين کي بہ ڪو من ٻيءَ وڃڻ جو واهڻ تہ ڏيو. ڪين هريي پربي وڻ کي پيو مٽيءَ سان ڍڪبو تہ ڪٽان نہ ڪٽان پيو ٽاريون ڪيندو ....“

سکرامداس رستو پليل انسان وانگر ششدر ٿي ڪي جو ڪي ڳالهائيندو ٿي ويو. سندس مردانو آواز، پري پري پکڙيل گاهہ جي ميدان پنيان جو زمين آسمان جو سنڌو هو اُن سان ٽڪرجي مڏو پراڏو ڪري ايتي طرف کان پئي بڌڻ ۾ آيو. آخر آڳنڌ جي پڇاڙيءَ وٽ جيڪو دروازو هو انمان ڪيترا ڪومل هٿ نڪتا ۽ ڪميا کي چڪي اندر ڪٽي ويا. اندر وڃي ڪميا ڏٺو، ڇوڪرين ڇٽني جا منهن ئي ساوا جهڙا ينگ ٿي ويا هئا. ڇوڪرين روئي چيو، ”پاپي اسين ئي تہ توکي منٿون ڪندا آهيون، پوءِ اسان جي ڪري پاڻ چو ٿي ٻوهي ۾ وجهين. دادو توسان ٿو ڳالهائي تہ اسان جي تہ ڏرن پيئي ڏڪي...“ ڪميا ڏٺو، ڇوڪريون ڍپ جون ماريون برابر ڪرڙي

۾ نهاري بي خود تي اهڙو مذرتا سان ڳائيندو هر جو ٻڌندڙن جا سر جهومڻ لڳندا هئا.

الين ڏينهن ساڌو هليا ويا. وڏيءَ ڇوڪريءَ تہ روئي ڪٽي رڇ پريا. جڏهين ساڌن کي نمسڪار ڪري موڪلائي رهي هئي تڏهين ڪرشن گر جي ويجهو اچي چيائين، ”هنن داسين کي وساري نہ ڇڏجو.“ ڪرشن گر جو چهرو هونءَ تہ رسيل ڦل جو احساس ڪرائيندڙ هو باقيءَ هيءَ وينتي ٻڌي جا متس لالائي ڀهڪي اٿي، تنهن جي صورت وڏيءَ ڇوڪريءَ پنهنجي چپرن ۾ هميشه هميشه لاءِ لڪائي ڇڏي.

ڪجهہ ڏينهن گذريا تہ سڀي ڪٽنب تي جڻ مورچا چانئجي ويئي. گهر جي ڀاتين مان ڦڙتي نڪري ويئي. زالو ويڳاڻيون، مرد منجهيل پئي ڏٺا. ڇوڪريون تہ ڪوئن جيئان تي پيئون هيون، جن مشڪل سان سس ٻاهر تي ڪڍيو. ٽن ڏينهن ڪانپوءِ مس وڃي سکرامداس ڪم تي وڃڻ لاءِ تيار ٿيو. مگر در وٽ پهچنديئي ٽپاليءَ ڪارڊ ڏنس جو ڪٽي اچي ڪرسيءَ تي ڪريو. ڪميا پڇيو، ”ڪنهنجو خط آهي ڏيرم ؟“

سکرامداس دينتا سان چيو، ”سشيل نہ جائيءَ جو ...“ ٽپاليءَ جي آواز تي گهر جا سڀ ڀاتي ورانڊي ۾ نڪري آيا هئا. ماءُ پڇيو، ”ڪٿان لکيو اٿس ؟“

”نياڳي سيتاپور وچي نڪتي آهي“ چوندي سکرامداس جي اکين اڳيان انڌيرو چانئجي ويو. پلڪون بند ڪري ڪرسيءَ جي پٺ تي ڪنڌ لڙڪائي ڇڏيائين. ڪميا سندس هٿ مان ڪارڊ وٺي ٿرڪندڙ چپن سان پڙهڻ لڳي. لکيل هو، ” ..... ڪرشن گرهاٽي نوڪري ڪندو آهي اسان شهر ۾ وچي

گهر اڏيو آهي. امي تون ئي تہ چوندين آهين تہ جڏهين لکيو ڪلندو آهي تڏهين دير ئي ڪين لڳندي آهي. مونکي آسيس ڪين موڪليندينءَ ؟ ....''

سڪرامداس جي زال دک کان وياڪل ٿي کميا کي چيو، ''اڄ تنهنجي هسڻ جو وارو تہ آيو.''

هن ڇريءَ جي ڏار کان بہ تيز اکرن ہڏڻ سان کميا ٿڏو شوڪارو ڀريو ۽ سڪرامداس ڏي ڏسي دل ئي دل ۾ چيائين، ''هاءِ رام ڪوريئڙو پنهنجي اُپايل چار ۾ ڪيئن ڦو ڦاسي !''

ڏيرانيءَ کي چيائين، ''ڏس نہ ڏيرانيم، لکيو ڪيئن ڦو کلي !''

''لکيو ڏوڙ جو کليو !'' سڪرامداس جي زال ڪوڙو منهن ڪري چيو.

وشنو ولا جو پيرسن مالڪ ڪلهي تي ٽوال رکي نل ڪوٺيءَ طرف وڃي رهيو هو جو سڪرامداس هٿ جوڙي چيس، ''ڪاڪا، سڀاڻي موٺي اسين پنهنجي جڳهہ ۾ وڃي وهنداسين.''

(نئين دنيا ١٩٥٦)